روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :11 | خميس 31 آگسٽ 2023ع بمطابق 13 صفر 1445ھ | شمارو: 312 | قيمت 10 روپيا

هن وقت سڀ کان وڏو مسئلو بجلي جي بلن جو آهي، بجلي جا بل عوام لاءِ عذاب بڻجي ويا آهن: شرجيل

هر ماڻهو بجلي جي بلن تي پريشان آهي، بجلي جي بلن جي غلط ريڊنگ ڏني وئي آهي، جيڪو گهٽتي وارو لمحو آهي پيپلز پارٽي چاهي ٿي ته عوام کي رليف ملي

پ پ کي توانائي جي بحران جو اندازو هو، توانائي جي منصوبن تي ڪم ڪيو، ان حوالي سان قدم کنيا، پورٽ قاسم ۾ ڪوئلي جو پلانٽ لڳايو ويو جنهن مان 1320 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي

ٿرڪول منصوبي مان 2660 ميگاواٽ بجلي پيدا ڪئي پئي وڃي، لڪي سيمينٽ جي چائنيز پاور پلانٽ مان 1320 ميگاواٽ بجلي ٿرجي ڪوئلي مان پيدا ٿي رهي آهي

هن وقت گهوٽڪي ۾ 250 ميگاواٽ جو پلانٽ هلي رهيو آهي، ورلڊ بينڪ جي سهڪار سان ڪراچي ۾ 400 ميگاواٽ جو سولر پارڪ به ٺاهي رهيا آهيون

ماڻهن جي بجلي ايٽري استعمال نه ڪئي آهي، ڪين اندازن جي بنياد تي بل جاري ڪيا ويا، عوام کي غلط بل موڪليا پيا وڃن، جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي

جنهن غلط بل سان ڪين ڪاٽڻ واري حالت تي ترتيب سان بجلي ڪمپنين نوٽيس وٺن، هن چيو ته سنڌ ۾ ونڊ پاور پلانٽ مان نيشنل گرڊ کي بجلي فراهم ڪئي پئي وڃي، هن وقت ماڻهو بجلي جا بل ادا نٿا ڪري سگهن، عوام کي ڏکين حالتن ۾ رليف فراهم ڪرڻ حڪومت جو ڪم آهي

عوام کي رليف ملي، مڪاني انتظاميه ۽ اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته هن وقت سڀ کان وڏو مسئلو بجلي جي بلن جو آهي، بجلي جا بل عوام لاءِ عذاب بڻجي ويا آهن... ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي آگوان... بلن جي غلط ريڊنگ ڏني وئي آهي... گهٽتي وارو لمحو آهي پيپلز پارٽي چاهي ٿي ته... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 02

ڪراچي: شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

تحريڪ انصاف اڳواڻ حليم عادل شيخ سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻاهران گرفتار

وڪيلن پوليس کان گرفتاري وارنٽ گهريا ته پوليس وارنٽ ڏيکارڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

پوليس حليم عادل شيخ کي وين ۾ وجهي وراڻي تي وٺي، حليم عادل شيخ کي درخشان ٿاڻي منتقل ڪيو ويندو: پوليس

ڪراچي (رپورٽر) تحريڪ انصاف اڳواڻ حليم عادل شيخ کي سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻاهران گرفتار ڪيو ويو، وڪيلن پوليس کان گرفتاري وارنٽ گهريا ته پوليس وارنٽ ڏيکارڻ کان انڪار... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 06

سنڌ ۾ سمورن رهائشي ۽ ڪمرشل نقشن تي لڳايل پابندي ختم

سيمي ايفيسن کي سختي سان هدايتون ڏنيون آهن ته ماڻهن کي غير قانوني نقشي يا پلان جي منظوري ڏني وئي ته ان جي خلاف سخت ڪارروائي ٿيندي: مبين جمالي

اسان غير قانوني عمارتن جي تعميرات سختي سان روڪيون، نقشن جي منظوري ڏيندڙ آفيسرن جي موٽرڪن ۽ ان جي عمارتن جي نگراني...

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي وزير مبين جمالي سمورن قانوني رهائشي ۽ ڪمرشل نقشن تي لڳايل پابندي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 05

گهروءِ جيل کاتي جي نگران واري وزير جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد

صوبائي جيلن ۾ قيدين جي ڀلائي لاءِ هر ممڪن سهڪار لاءِ يقين ڏياريو ويو

سي ڊبليو بي پهريون دفعو بڌڻي هيٺ قيدين جي پڻ قانوني نمائندگي فراهم ڪندو آهي: بريفنگ

ڪراچي (رپورٽر) گهروءِ ۽ جيل کاتي جي نگران وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز جي صدارت هيٺ... قيدين جي ڀلائي بابت ڪميٽي (سي ڊبليو بي)... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 09

ڪراچي: گهروءِ ۽ جيل کاتي واري نگران وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز جي صدارت هيٺ اجلاس جو ڏيک

مهانگائي جي ماريل عوام تي
هڪ ڀيرو ٻيهر پيٽرول بم
ڪيرائڻ جو تياريون جاري

اسلام آباد (م م) مهانگائي جي ماريل عوام تي هڪ ڀيرو ٻيهر پيٽرول بم ڪيرائڻ جون تياريون جاري... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 10

نيب ڪيسن ۾ انڪوائري جي سطح تي گرفتاري جي نقص کي ڏٺي ٻيهر شامل ڪيو ويو: عمر عطا بنديال

نيب قانون ذريعي سياسي انتقام جو سلسلو ختم ٿيڻ گهرجي: چيف جسٽس

نيب 50 ڪروڙن کان گهٽ ڪرپشن جا ڪيس واپس وٺي ڇڏيا، کهڙي قانون تحت اهو فرق ٺاهيو ويو آهي؟

احتساب جي قانون ۾ سڀ کان سخت قانون نيب جو ئي آهي، نيب جي دائري مان نڪرندڙ ڪنهن به قانون تحت احتساب جي عمل ۾ شامل ٿيندا: جسٽس منصور علي شاهه

جا 50 ڪروڙن جي حد ان لاءِ مقرر ڪئي وئي ته وڏي مڇي کي پڪڙيو ويو؟ جا 50 ڪروڙن کان گهٽ جي ڪرپشن ڪندڙن کي عزت ڏني پئي وڃي؟

نيب ترائل جي رفتار تمام سست هوندي آهي، نيب ترميمن 2022 ۾ انڪوائري وقت جوابدار جي گرفتاري کي ڪيو ويو: چيف جسٽس

جولاءِ 2023 ۾ قانون ۾ ٻيهر انڪوائري سطح تي گرفتاري کي شامل ڪيو ويو، نيب ڪيسن ۾ انڪوائري جي سطح تي گرفتاري جي نقص کي ڏٺي ٻيهر شامل ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾... ترميمن جي ڪيس جي سماعت... نيب قانون ذريعي سياسي انتقام جو سلسلو... بند ٿيڻ گهرجي، سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس جي سربراهي ۾ جسٽس اعجاز الاحسن ۽ جسٽس منصور علي شاهه تي ٻڌل ٽن رڪني بينچ نيب ترميمن خلاف تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي درخواست تي... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 04

ڪراچي: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

چيلنجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ پاڪ بحريه جي ڪوشش تي مڪمل اعتماد آهي: نگران وزيراعظم

وزيراعظم قومي دفاعي پاليسي موجب عسڪري حڪمت عملي جي توثيق جي لاءِ جنگي مشقن جي اهميت تي زور ڏنو

سامونڊي دفاعي صلاحيتن ۾ اضافي جي لاءِ سمورا دستياب وسيلا فراهم ڪرڻ جي حڪومت جي عزم جو ورجاءُ

قومي دفاعي پاليسي موجب عسڪري حڪمت عملي جي توثيق جي لاءِ جنگي مشقن جي اهميت تي زور ڏنو

ڪراچي (م م) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سامونڊي خطرن ۽ چيلنجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ پاڪ بحريه جي ڪوشش تي مڪمل اعتماد جو... اظهار ڪندي سامونڊي دفاعي صلاحيتن ۾ اضافي جي لاءِ سمورا دستياب وسيلا فراهم ڪرڻ جي حڪومت جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 07

پنجاب جي 34 لک ايڪڙ ريگستاني زمين آباد ڪرڻ لاءِ چناب ۽ ستلج تي 5 نئون ڊيم ۽ بئراج اڏڻ جو فيصلو

پنجاب ۾ ستلج ندي تي ۾ نئون بئراج بهاولنگر ۾ حاصل پور بئراج ٺاهيا ويندا، جن جي ڪمانڊ ايريا 34 لک ايڪڙ هوندي: پرزنٽيشن

بهاولنگر بئراج مان 21 لک 32 هزار ۽ حاصل پور بئراج مان 13 لک 33 ايڪڙ زمين آباد ٿيندي

بهاولنگر بئراج لاءِ 0.36 ۽ حاصل پور بئراج لاءِ 0.90 ايم اي ايف پاڻي مختص ڪيو ويندو

سکر (رپورٽر) پاڻي ۽ بجلي واري وزارت چولستان جي ريگستاني زمين آباد ڪرڻ لاءِ ستلج ندي تي 3 ڊيم اڏڻ ۽ ٻه بئراج تعمير ڪرڻ جو فيصلو... انهن ڪمانڊ ايريا پاڻي مختص ڪرڻ جي تجويز... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 08

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي ۽ سي ٽي ڪميشننگ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۾ ايشيا ڪپ شروع،
آئمه ۽ نيپالي گلوڪارا افتتاحي
تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

ملتان (م م) 15 ورهين ڪانپور پاڪستان جي ميزباني ۾ ايشيا ڪپ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي افتتاحي تقريب... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 12

بجلي جي بلن ۾ رليف لاءِ آءِ ايم ايف سان رابطو، پاڪستان کان لکت ۾ پلان طلب

پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف اختيارين وچ ۾ ورچوئل رابطو ٿيو: نائبي واري وزارت

اسلام آباد (م م) نگران نائي واري وزير شمشاد اختر آءِ ايم ايف جي نمائندگي ايسٽر پيريز سان رابطو ڪيو... بجلي جي بلن ۾ رليف لاءِ... ورچوئل رابطو... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 13

لوڊشيڊنگ معاملو، نيپرا جو ڪي اليڪٽرڪ کي سخت حڪم

قانون موجب فيڊر بدران پي ايم ٽي ريڪوري جي بنياد تي لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي: نيپرا

پي ايم ٽي جي سطح تي ريموٽ پاور سسٽم ذريعي لوڊشيڊنگ ڪئي وڃي

اسلام آباد (م م) نيشنل اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (نيپرا) ڪي اليڪٽرڪ کي... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 11

سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪاري نوڪرين تي لڳايل پابندي واري حڪم ۾ واڌ ڪري ڇڏي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نوڪرين تي پابندي بابت اير ڪيو ايم جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي

اير ڪيو ايم طرفان فروغ نسيم عدالت ۾ پيش ٿيو، عدالتي حڪم کان پوءِ به ڀرتين جا تفصيل پيش ڪيا

پراڻين تاريخن ۾ ڀرتيون ڪيون پيون وڃن سڄي نظام کي مذاق بڻايو ويو آهي: فروغ نسيم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪاري نوڪرين تي لڳايل پابندي واري حڪم ۾ واڌ ڪري ڇڏي... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 22

ڪارونجهر جي کٽائي بابت سمورين ليزن رد ڪرڻ جو حڪم

غيرقانوني ليز ڏيندڙن ۽ ڪارونجهر جي کٽائي ڪندڙن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو

جسٽس محمد شفيع صديقي ۽ جسٽس ارشد حسين خان تي ٻڌل ٻن رڪني بينچ وڪيل شنڪر ميگهواڙ جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

سنڌ جي سونهن ڪارونجهر مان پٿر جي کٽائي جو سلسلو اڃا جاري آهي: درخواستگذار

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ حيدرآباد ڪارونجهر جي کٽائي بابت سمورين ليزن... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 27

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير ريلوي شاهد اشرف تارڙ جي صدارت هيٺ اجلاس جو ڏيک

صدر کي چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار ناهي: قانون واري وزارت جو خط

ترميم تحت چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار هاڻي اليڪشن ڪميشن وٽ آهي: ذريعا

اسلام آباد (م م) ... صدر کي چونڊن جي تاريخ ڏيڻ جو اختيار ناهي... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 15

اسلام آباد: تعليم وارو نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي افتتاحي تقريب دوران ربن ڪٽي رهيو آهي

فاطمه قتل ڪيس ۾ مدد جي شڪ ۾ حراست هيٺ سمورا ماڻهو بي ڏوهه قرار

فاطمه کي مبينا تشدد ڪيس ۾ اڳوڻي ايس ايڇ او سميت چئني تحويل هيٺ جوابدارن کي پوليس بي ڏوهه قرار ڏيندي آزاد ڪري ڇڏيو

ڪيس دهشتگردي جي عدالت ۾ هلندڙ عدالت جوابدار اسد شاهه جي جيل موڪلڻ جو حڪم ڪري ڇڏيو: انڪوائري آفيسر

رانيپور (رپورٽر) معصوم فاطمه کي مبينا تشدد ڪيس ۾... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 24

فاطمه ڪيس ۾ گرفتار اسد شاهه لاڪپ ۾ بيٺل آهي

سنڌ ۾ 24 ڪلاڪن اندر ڊينگي جا 14 ڪيس رپورٽ

ڪراچي ۾ 10، حيدرآباد ۾ 3 ۽ سکر ۾ هڪ ڪيس رپورٽ ٿيو: رپورٽ

آگسٽ مهيني ۾ هن وقت تائين سنڌ ۾ 183 ڪيس رپورٽ ٿيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ 24 ڪلاڪن اندر ڊينگي جا 14 ڪيس رپورٽ ٿيا، ڪراچي ۾ 10، حيدرآباد ۾ 3 ۽ سکر ۾ هڪ ڪيس... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 25

ڊالر، ليغام، انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ وڌيڪ مهانگو ٿي ويو

ڊالر هڪ روپيو 40 پئسا واڌ کانپوءِ 304 روپين 45 پئسن جو ٿي ويو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر ڄڻي کانپوءِ، مهانگو ٿيڻ کانپوءِ 319 روپين 50 پئسن جو ٿي ويو

ڪراچي (م م) ملڪ ۾ آمريڪي ڊالر جي اڏام... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 19

رانيپور جي عدالت فاطمه قرڙو قتل ڪيس اي ٽي سي عدالت منتقل ڪري ڇڏيو

عدالت جوابدار اسد شاهه ۽ امتياز ميراسي کي هڪ ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

بنهي ڌرين جي وڪيلن جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ سول ڪورٽ جي جج اي ٽي سي جا قلم لڳائڻ جي منظوري ڏني

رانيپور (رپورٽر) رانيپور ۾ سول جج ايند جوڊيشل مئجسٽريٽ عدالت فاطمه قتل... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 29

ايشيا ڪپ جي افتتاحي ميچ ۾ پاڪستان هٿان نيپال کي 238 رنسن تان شڪست

ملتان اسٽيڊيم ۾ پاڪستان نيپال خلاف ٽاس کٽي اڳ ۾ بيٽنگ جو فيصلو ڪيو

قومي ٽيم جي ڪپتان بابر اعظم 151 رنسن جي شاندار اننگز کيڏي آئوٽ ٿيو

ملتان (م م) ايشيا ڪپ جي افتتاحي ميچ ۾ پاڪستان نيپال کي 238 رنسن جي وڏي مارجن سان شڪست ڏئي ڇڏي... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 23

حيدرآباد پريس ڪلب آڏو فاطمه قرڙو جي قتل خلاف جي ڊبليو سي جي سڏ تي احتجاجي ڌرڻو

جي ڊبليو سي جي سڏ تي اولڊ ڪئمپس کان حيدرآباد پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ سياسي، سماجي، سول سوسائٽي، صحافين، وڪيلن، شاگردن سميت عورتن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

حيدرآباد (رپورٽر) رانيپور ۾ حويلي ۾ ننڍڙي فاطمه قرڙو جي تشدد ۽ قتل خلاف... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 30

جان محمد مهر قتل ڪيس، گرفتار ڪيل سهولتڪار 6 ڏينهن جي ريمانڊ تي پوليس حوالي

جاچ آفيسر جي اڳواڻي ۾ سکر پوليس بن جوابدارن بخش علي عرف بخشو مهر، بابر مهر ۽ منور مهر کي دهشتگردي جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

جوابدار شهيد جان محمد مهر جي قاتلن سان رابطي ۾ هجڻ جو اعتراف ڪيو آهي: جاچ آفيسر جي عدالتي کي آگاهي

شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي مڪ جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪيو ويو: عدالت

سکر (رپورٽر) سکر جي دهشتگردي توڙ عدالت ۾ شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس ۾ گرفتار ڪيل سهولتڪارن کي... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 16

نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا جي صدارت هيٺ سيف سٽي بابت اهم اجلاس منعقد

اجلاس ۾ سنڌ جي گهرو سيڪريٽري، پوليس ۽ سنڌ سيف سٽي اٿارٽي جي آفيسرن جي شرڪت

سيف سٽي پروجيڪٽ شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ جي حوالي سان جديد سائنسي بنيادن تي ٻڌل هڪ اهم منصوبو آهي: يونس ڍاڳا

10 ماڙ جديد عمارت جي تعمير جو مدو ٽن سالن جي بدران ڏيڍ سال ۾ مڪمل ڪري فعال ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا جي صدارت هيٺ سيف سٽي بابت اهم اجلاس ٿيو... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 17

نگران صوبائي وزير يونس ڍاڳا پاران
ريونيو ايڪائونٽس ۾ ڪوتاهي
ڪندڙن خلاف ڪارروائي جي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا ريونيو ايڪائونٽس ۾ ڪوتاهي ڪندڙن خلاف ڪارروائي جي هدايت ڪئي آهي... 2012ع کان... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 21

ڪراچي: نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا جي صدارت هيٺ سيف سٽي بابت اهم اجلاس ٿي رهيو آهي

حليم عادل شيخ کي گرفتاري خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي

پشاور هاءِ ڪورٽ مان حفاظتي ضمانت تي آهيان: درخواست جو متن

سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪنهن به ڪيس ۾ گرفتاري کان روڪي چڪي آهي

ڪراچي (رپورٽر) پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ پنهنجي گرفتاري خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 26

ظالم پيءُ هٿان ڊاڪٽر ڌيءُ قتل

ميانوالي ۾ پيءُ جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل ڊاڪٽر سدرا نيازي دم ڏئي ڇڏيو

ڊاڪٽر سدرا کي 10 ڏينهن اڳ والد فائرنگ ڪري زخمي ڪيو هو: پوليس

راولپنڊي (م م) ميانوالي ۾ پيءُ جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل ڊاڪٽر سدرا نيازي راولپنڊي جي اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 28

عوام کي تڪليف ۾ آءِ ايم ايف جي خوف کان رليف نه ڏيڻ بدترين غلامي آهي: سينيٽر مشتاق خان

نگران وفاقي حڪومت تسليم ڪري رهي آهي ته بجلي جي بلن ۾ رليف نه ڏينداسين

عوام کي تڪليف ۾ آءِ ايم ايف جي خوف کان رليف نه ڏيڻ بدترين غلامي آهي

اسلام آباد (م م) جماعت اسلامي جي سينيٽر مشتاق احمد خان چيو آهي ته عوام کي تڪليف ۾ آءِ ايم ايف جي خوف کان رليف نه ڏيڻ بدترين غلامي آهي... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 31

اها کهڙي سائنس آهي ته سستي بجلي هجڻ باوجود مهانگي ڪئي وڃي: نيپرا چيئرمين

دسڪوز جي ڊيٽا ۾ ڪجهه ايڊجسٽمينٽ ڪئي وئي آهي، ايڊجسٽمينٽ کانپوءِ بجلي جي درخواست هڪ روپيو 58 پئسا گهٽ ٿي: سي پي پي اي

بجلي پيهج بابت مسئلو حل ڪيا وڃن، ان ۾ واهپيدار جو ڪهڙو ڏوهه آهي: نيپرا چيئرمين

اسان واهپيدار تي اٿين فيول پرائس ايڊجسٽمينٽ نه وجهنداسين

اسلام آباد (م م) نيپرا چيئرمين واهپيدارن لاءِ مهانگي بجلي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 14

نگران صحت واري وزير ڊاڪٽر سعد خالد پاران ورڪشاپ ۾ شرڪت

ورڪشاپ ۾ ڇوڪرين جي حيض دوران صفائي ستٿرائي سان لاڳاپيل مسئلا ۽ انهن جا ممڪن حل پيش ڪيا ويا

ورڪشاپ جي شروعات ۾ شرڪت ڪندڙن کي هن پروجيڪٽ بابت تفصيل سان آگاهه ڪيو ويو

صحت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ سوشل ويلفيئر جي نگران وزير جي حيثيت سان هن ونڊ ان مسئلي جو حل آهي: ڊاڪٽر سعد خالد

ڪراچي (رپورٽر) صحت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ سوشل ويلفيئر جي نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 18

سکر: سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ورڪرز
ويلفيئر بورڊ جي ملازم کي پڪو
ڪرڻ جو حڪم

سکر (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ورڪرز ويلفيئر بورڊ جي ملازم کي پڪو ڪرڻ جو حڪم ڏنو... / بقايا پوئين صفحي 2 نمبر 20

ڪراچي: صحت واري نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

کانيور ۾ پرياسي جي بدامني ڪنٽرول ڪان نڪري وئي، پوليس ڌوهارين آڏو بيوس ۽ لاچار بڻيل

تن ڏينهن اندر 7 ڦرلٽ جون وارداتون، اختيارين نوٽيس نه ورتو، روزانو عوام ڌوهارين هٿان ڦرجڻ لڳو، احتجاجي مظاهرو

متاثرن پاران انڊس هاءِ وي جتوئي هوٽل وٽ احتجاجي مظاهرو ڌرڻو، ٽائرن کي باهيون، مسلسل 3 ڪلاڪ ٽرئفڪ جام جاري رهيو

پوليس جي رٽ مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي، بدامني تي ضابطو آڻي بدامني تي ڪنٽرول ڪيو وڃي: مظاهرين

کانيور: بدامني خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 06

بي/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 05

دادو ۾ اپر ڪيو اپير

پاران ملڪ اندر هڙتال

مهانگائي خلاف احتجاج

اسلام ڪوٽ ۾ پوليس موبائيل ڊرائيور نشي ۾ ڌت ٿي گڏهه گاڏي کي ٽڪر هڻي ڇڏيو

حادثي سبب گڏهه گاڏي هلائيندڙ غريب پورهيت چنيسر زخمي ٿي پيو ۽ گڏهه به مري ويو

متاثر پورهيت پاران ٻارن ٻچن سميت ميڊيا آڏو احتجاج ڪيو ويو، نوٽيس وٺي انصاف ڏيارڻ جي گهر

هر/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٿر ۾ انساني حقن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي پاران ريلي، نعريبازي

جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي ٿر جي اڳواڻن راول ڪرنائي، امجد شورو، نقير رزاق انڙ، اشرف بيلم، رشيد ڪوسو جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

اهڙو ڪو ڏينهن ناهي جڏهن سنڌي نوجوان کي گم ڪيو ويندو هجي، معصوم نياڻين جي حوس جو نشانو بڻائي قتل ڪيو وڃي: مظاهرين

سنڌ ۾ انساني حقن جي مسلسل لتاڙ پيڇڪرڻ خلاف پنهنجو مضبوط آواز اٿارين ته جيئن سنڌ ۾ انساني حقن جي لتاڙ بند ٿي سگهي

سگهي/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 12

سکر ۾ معصوم شاهه ميناري پرسان

وچ آبادي ۾ لڳل وڏي موبائيل ٽاور

واري جاءِ جي ديوار ڪري پئي

ٿر: جيئي سنڌ رهبر ڪاميٽي پاران ريلي ڪڍي پئي وڃي

شهدادڪوٽ ۾ شڪارپور جي رهواسين جو پٽ جي مبينا گم ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب اڳيان ڪما الدين مهر، عزيمان مهر، معصوم نياڻي رضيه مهر قرآن پاڪ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي

اسان جو نوجوان پٽ نظير احمد مهر جيڪو موٽر سائيڪل تي ڪباڙ جو ڪم ڪندو هو جيڪو پراسرار طور لاپتا ٿي ويو آهي: مظاهرين

اسان غريب ۽ مسڪين آهيون، اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي، مدد ڪري اسان جي پٽ نظير احمد مهر کي واپس ڪرائي ڏنو وڃي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو ۾ مليريا جا چرڪا ڏيڻ لڳا، هڪ مهيني ۾ مليريا جا 4 هزار ڪان وڌيڪ ڪيس ظاهر

خانپور، لاڪائيون، ٻچل گگو، پنهون، مراد پور، حسين پور، اڪبر شاهه ڪنڊوري جي مختلف ڳوٺن ۾ مليريا تيزي سان پکڙجڻ لڳي

اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ مليريا جي ڪٽن جي شديد کوٽ، حالتون سنگين، هنگامي بنيادن تي اپاءَ وٺڻ جي اپيل

صحت مرڪزن ۾ ڊاڪٽرن سميت بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب علاج لاءِ ايندڙ مريض سخت پريشان آهن: رهواسي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر ۾ درازا شريف جي

رهواسي اڪبين جي نور ڪان

محروم پاران احتجاج

دادو: مليريا مريض اسپتال ۾ ريلل آهن

سکر سنڌ جي ليگل ايڊ سوسائٽي جي نمائندن ۽ وفاقي محتسب وچ ۾ هڪ اهم اجلاس

ليگل ايڊ سوسائٽي، سکر سنڌ، جيڪا انصاف ۽ برابري جي فروغ لاءِ پنهنجي وقف جي ڪري مشهور آهي: اڳواڻ

وفاقي محتسب سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي ته جيئن شهرين کي سنڌڻ خدشن جي بروقت حل لاءِ رهنمائي ڪري

تعاون ذريعي ماڻهن کي انصاف تائين رسائي جي چيلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري معلومات ۽ مدد فراهم ڪئي ويندي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف خلق جي خدمت آرگنائيزيشن پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

مهانگائي جو طوفان برپا ٿي ويو آهي، ماڻهن وٽ ماني کائڻ لاءِ پئسا ناهن، بجلي جا بل ادا ڪرڻ جي سگهه ناهي: اڳواڻ

بک ۽ بدحالي جي ڪري ماڻهو ذهني طرح مايوسي طرف وڃي رهيا آهن، حڪومت عوام رليف ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي آهي

بک ۽ بدحالي جي ڪري ماڻهو ذهني طرح مايوسي طرف وڃن لڳا آهن جنهن ڪري ملڪ ۾ بجلي خلاف عوام روڊن تي نڪتو آهي

رتوديرو جي رهواسي شرڪت

جوٽيجو پاران پنهنجي چوري

واپس ڪرائڻ لاءِ احتجاج

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو: مهانگائي خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

خانواهڻ: شهيد فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان تعزيتي سلسلو هلندڙ

ڪامريڊ ردا رزاق لاشاري، اڳوڻي ڊي ايڇ او نوشهرو فيروز ڊاڪٽر مظهر حسين عباسي تعزيت ڪئي

وڏيري مظهر حسين ڪلهوڙي ۽ ٻين شهيد فاطمه ڦرڙو جي وارثن سان تعزيت ڪئي

مختلف اڳواڻن وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ هر ممڪن مدد ڪرڻ جي خاطري ڪرائي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڏڙو پرسان روڊ حادثو 4 ڄڻا زخمي، اسپتال داخل

ڪري اسٽاپ وٽ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو

زخمين ۾ ٻن ورهين جو معصوم ٻارڙو عبدالواحد بانبهڻو ۽ ٻيا شامل

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 03

گهارو پرسان ٻاپڙا ۾ سنجينٽا سيڊ پاران ورڪشاپ

1057 ٽماٽو جي پيداواري صلاحيت ۽ بيمارين کان قوت مدافعت جي اهميت بابت آگاهي

مرچ يا ٽماٽو زمين کان ڪٽندا، سنجينٽا پنهنجي زميندار سان هر قدم گڏ آهي: اڳواڻ

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 02

گهارو: سيمينار کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

رتوديرو جي صحافي قمرالدين سومرو جي امڙ جو ڏيهجو

سماجي مذهبي اڳواڻن صحافين سميت معززين ۽ برادري جي نيڪ مردن شرڪت ڪئي

ڊاڪٽر مشتاق احمد سومرو، سلطان احمد سومرو، زوار ممتاز علي سومرو ۽ ٻين تعزيت ڪئي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 13

جاتي شهر مان قافلو عشق سفر مشي ۾ شامل

10 ڪروڙن تائين عزادارن هن مشي جي سفر ۾ شامل ٿي چڪا

سفر ۾ ڪٿي پيئڻ دوائون آرام ۽ بهترين رهائش جون سهولتون فراهم

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 14

جهڏو ۾ مهانگائي خلاف مرڪزي مسلم ليگ پاران ريلي

حڪمران مهانگائي جو طوفان آڻي عوام کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي: اڳواڻ

پيٽرول، بجلي، گيس سميت گاڏي جي شين جون قيمتون گهٽ ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي: نوٽيس ورتو وڃي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 15

جهڏو: مهانگائي خلاف نڪتل ريلي کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊوباگو پرسان سهري ڪهاڙيون هڻي نانءُ کي زخمي ڪري ڇڏيو

جوابي ڪارروائي ۾ پيشيوئي ڪهاڙيون هڻي سالي کي زخمي ڪري وڌو

اسماعيل عرف خدا ڏنو هاليپوٽو کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد روانو ڪيو ويو

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 22

وارهه پرسان ڳوٺ پلوڙ آباد درب جي رهواسين پاران احتجاج

منهنجي پٽ کي وارهه پوليس بيگناهه ڪنهي گرفتار ڪري ڇڏيو آهي: امڙ زبيده خاتون

نوٽيس وٺي اسان جي پٽ کي آزاد ڪرائي اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 23

وارهه: ڳوٺاڻا ٻالڪ کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

عوام مهانگائي جي چڪر ۾ ڦاسي پيو آهي: بلال وقار خان

بجلي جي چوري جي مڪمل طور تي روڪٿام لاءِ اسپيشل ٽاسڪ فورس مقرر ڪئي وڃي

پيٽرول، بجلي ۽ ٻين شين جي اگهن ۾ ڪيل واڌ ڪي فوري طور تي ختم ڪيو وڃي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 32

حضرت غوث بهاءُ الدين المعروف غوث بهاول الحق زڪريا رح جو عرس شروع

عرس مبارڪ جي تقريب ۾ آستانه زڪريا نئين ديرو ڪان حسام الدين پتو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

عرس جي دوران مزار اندر ماڻهن کي ٿڌي پاڻي پيارڻ لاءِ بندوبست ٿيل هو

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر: ميئر پاران نئون ڳوٺ ۾ گراٺڊ ڪلينڪ آپريشن جو افتتاح

ميئر نئون ڳوٺ ۾ هلندڙ ميگا سيوريج لائين منصوبي جي پڄاڻي جائزو ورتو

ميئر ارسلان شيخ علائقي کي درپيش مسئلا حل ڪرڻ جي مڪمل يقين ڏياريو

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر: ميئر ارسلان اسلام شيخ تقريب دوران ريڊل آهي

منهنجي پهرين توجهه تعليم تي آهي: خورشيد احمد شاهه

اسڪولن ۾ بلڪل مسئلا آهن ۽ نوان استاد ڀرتي ڪيا آهن اهي جلد حل ڪيا ويندا

وڏي ڪان ٽڪرائو ۽ تلين ڪان روپهري جي روڊ جو ڪم جاري آهي جيڪو جلد مڪمل ٿيندو

يوسي مبارڪپور ۾ پنج ڪروڙن جو پيور بلاڪ جو ڪم هلي رهيو آهي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽڪراءُ: اڳوڻو وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

دادو ۾ ڪرمپور ڪالوني جي

رهواسي بيواهه عورت پاران

احتجاج، انصاف جي گهر

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 01

صحافي شهيد جان محمد مهر جي قتل ۾ سهولتڪاري ۾ گرفتار 3 جوابدار عدالت ۾ پيش

پوليس جوابدارن کي سخت سيڪيورٽي ۾ جج عبدالرحمان قاضي جي عدالت ۾ پيش ڪيو

جاچ دوران گرفتار جوابدار ڪيس ۾ نامزد جوابدارن سان رابطن جي تصديق ڪئي آهي: پوليس

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 07

بدين پرسان ڪنڀي گر ڪيل عورت ۽ نوجوان ناري بازياب نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻي امير حسن رانوڙ جي گهر ۾ گهڙي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪري سنڌس زال ۽ نوجوان پاڻيجي کي اغوا ڪيو

ظلم ڪيو ويو آهي، وڏيري شاهنواز جي ٽيمي جي ڌر جي سنڌس ماڻهن واردات ڪري عورتن اغوا ڪيون آهن ڪير به اسان جي ٻڌڻ وارو ناهي: مظاهرين

ڪيس داخل ٿيڻ ۽ 11 ڏينهن گذرڻ جي باوجود پوليس عورت کي بازياب ڪرائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 08

صالح پٽ جي ڳوٺ ڪمال خان

ابوپوٽو جي رهواسي پاران

احتجاج، انصاف جي گهر

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين: ڪنڀي گر ڪيل عورتن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪڪڙ واسي پورهيت جا پرانو پريس ڪلب دادو اڳيان احتجاج

پورهيت جا پرانو پريس ڪلب دادو اڳيان احتجاج زال کي واپس ڪرائڻ جي اپيل

منهنجي گهرواري موومل قمبراڻي کي سڪندر ڪلوڻي ورغلائي گهر ڪان ڀڄايو ويو آهي: پورهيت

نوٽيس وٺي جوابدار جي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري زال واپس ڪرائي وڃي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 16

شهدادڪوٽ ۾ جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

قومي ڪارڪنن جي جبري گمشدگين، عدالتن ڪان ماورائي قتل ۽ انساني حقن جي لتاڙ خلاف احتجاج ڪيو ويو

سنڌ اندر انساني حقن جي لتاڙ معمول بڻيل آهي ڪڏهن قومي ڪارڪنن کي ڪنيو گم ڪيو ٿو وڃي: مظاهرين

ڪڏهن معصوم نياڻين کي قتل ڪيو ٿو وڃي اهڙا عمل ناقابل برداشت آهن حقن جي لتاڙ سمجهون ٿا، نوٽيس ورتو وڃي

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين: اينٽي ڪرپشن جي عدالت ٻسترڪٽ

ڊوليپمنٽ ۽ نيڪدار کي 8 سيپٽمبر تي

رڪارڊ سميت طلب ڪري ورتو

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 18

شهدادڪوٽ: جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

دادو ۾ بولان ميل ۽ خوشحال خان خٽڪ مسافر ٽرينن جي بحالي لاءِ مظاهرو

فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ 219 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ٽريڪ تي ڪراچي لاءِ بولان ميل بحال ڪئي وڃي ٻئي صورت ۾ جدوجهد جاري رهندي: مظاهرين

مسافر روزاني ڪوچ ڊوهر ۽ وين جو وڏو ڪرايو ڀري ڪراچي اچ وڃ ڪن ٿا

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين ۾ ايس ٽي پي پاران وڌندڙ بدامني، منشيات ۽ ڪارڪن تي ڪوڙن ڪيسن خلاف احتجاج جاري

پريس ڪلب جي اڳيان شاهنواز سيال، علي حيدر پنهور، غلام قادر مرداڻي، ياسر سيال، ڪفايت سنڌي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

ضلعي ۾ چورين ڦرن ڦٽن جي وڌندڙ وارداتن ۽ پوليس جي ناڪامين ڪاڻ شهري راتيون جاڳي گذاري رهيا آهن: شاهنواز علي سيال

شهرين سياسي سماجي اڳواڻن ڪارڪنن ۾ پکڙيل بيچيني کي ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي ضلعي تائين احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 28

گهوٽڪي: ڪنمراعين يوسف

منگي جي فوتگي تي ويل ماءُ جي

ٿڏي تي تعزيت جاري

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين: ايس ٽي پي ڪارڪن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ جي قاضي خاندان جي صحافت سان سلهاڙيل 66 سال مڪمل ٿيڻ تي تقريب

اسان جي 100 سالا سياسي تاريخ تي ڪو اڳرنه ڪندو پر اسان احتساب لاءِ به تيار آهيون: سيد زين شاهه

ها ساڳي دعوي، سڪرنڊ جي قاضي خاندان جي پڙ آهي جن جي 66 سالا صحافت تي به ڪو اڱر ڪونه ڪئي سگهي

اصل ۾ اهائي زندگي آهي جو اهڙو ڪردار تي ڏيڪاريو جو ماڻهو اوهان تي تنقيد ڪرڻ بجاءِ اوهان جي ڪردار جي شاهدي ڏين

/بقايا پوڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني سنڌيار ڪراچي سر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي. رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR

www.dailysindhyar.com

خميس 31 آگسٽ 2023ع

مهانگائي سبب خودڪشيون ڪندڙ عوام

ملڪ ۾ ماڻهن جي مالي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهي آهي. ماڻهو جيڪڏهن هڪ ويلو ماني کائين ٿا ته ٻئي ويلي لاءِ پريشان لڳا پيا هوندا آهن. هاڻوڪي حڪومت توڙي گذريل حڪومت جيڪي مهانگائيءَ جون ڇپون عوام مٿان ڪيرايون آهن. ان سبب عوام جو جيئڻ حرام ٿي ويو آهي. حڪومت عوام کي ڪو رليف ڏيڻ لاءِ تيار ڪونهي پر اها عوام جي مٿان مهانگائيءَ جو بار وجهڻ لاءِ هر قسم جا اپاءَ وٺي رهي آهي. نتيجي ۾ عوام پنهنجو پاڻ کي مارڻ يا گهر جو سامان وڪڻڻ تي مجبور ٿي ويو آهي. رڳو هن مهيني عوام کي جيڪي بجليءَ جا بل مليا آهن. اهي ايترا ته گهڻا آهن جو عوام اهي ادا نٿو ڪري سگهي. جيڪڏهن اهو بجليءَ جو بل ادا ڪري ٿو ته زندگيءَ جي ضرورت جون ٻيون شيون نٿو وٺي سگهي. گذريل ڪجهه ڏينهن کان شهري بجليءَ جا بل هٿن ۾ کنيو روڊن تي احتجاج ڪري رهيا آهن. نگران وزير اعظم انوارالحق ڪاڪڙ هنگامي اجلاس سڏائڻ کان پوءِ به عوام کي ڪو رليف نه ڏئي سگهيو آهي ۽ نه ئي سندس ڪابينا اهو فيصلو ڪري سگهي آهي ته عوام جي ڳرن بلن مان ڪيئن جان ڇڏائي وڃي. ماڻهو بل نه ڀرڻ سبب خودڪشيون ڪري رهيا آهن. اهڙوئي هڪ واقعو ملتان ۾ پڻ ٿيو آهي. جتي معصوم ٻارن جي ماءُ بجليءَ جو بل ادا ڪرڻ کان پوءِ به خودڪشي ڪري ڇڏي آهي.

ملتان ويجهو جهانيان ۾ بل ادا ڪرڻ باوجود بجلي بحال نه ٿيڻ تي 4 ٻارن جي ماءُ گهريلو حالتن کان تنگ اچي زهريليون گوريون کائي زندگيءَ جو خاتمو آڻي ڇڏيو. مڙس قاسم جو چوڻ آهي ته بل ادا ڪرڻ کان پوءِ گهر ۾ راشن جا پئسا نه هئا. ٻارڙا 2 ڏينهن کان بک وگهي مري رهيا هئا. جهانيان جي علائقي چڪ نمبر 114 جي رهواسي قاسم ٻڌايو ته هو 4 ٻارن جو پيءُ آهي ۽ روزانو 400 رپيا ڪمائي ٿو. هن چيو ته جڏهن بجليءَ جو بل 10 هزار رپيا آيو ته گهر جو سامان وڪرو ڪري بل ادا ڪرڻ لاءِ قرض ورتو پر ملتان اليڪٽرڪ پاور ڪمپني (ميپڪو) جي عملدارن بجلي بحال نه ڪئي. بل ادا ڪرڻ کان پوءِ گهر ۾ راشن جا پئسا نه هئا. مڙس جو چوڻ هو ته هو جڏهن گهر پهتو ته سندس زال حمنه بکايل ٻارن سبب پريشان هئي، هوءَ جڏهن ڪم تي وئي ته هن زهريليون گوريون کاڌيون، ڪيس تعلقي اسپتال نيو ويو پر هوءَ صحتياب نه ٿي سگهي ۽ فوت ٿي وئي.

هيءَ هڪ ڏکوئيندڙ واقعو آهي پر ان واقعي سان ڪنهن به حڪمران جي دل ۾ ڪو رحم ڪونه پوندو ۽ نه ئي ان کي هڪ ماءُ جي موت تي افسوس ٿيو هوندو. پر ڳالهه اها آهي ته هتي سڀ عياشون حڪمرانن ۽ اشرافيا لاءِ آهن. اسين سمجهون ٿا ته حڪمران عوام تي مهانگائيءَ جو بار وجهي ان کي مارڻ جو بندوبست ڪري رهيا آهن. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪمران پنهنجون عياشون ختم ڪري عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ ڪي اپاءَ وٺن ته جيئن عوام پنهنجن ٻارن کي ماني ڳيو ڪارائڻ جهڙا ٿي سگهن ۽ ڪين خودڪشي نه ڪرڻي پوي.

مُون اُڏارِيا مَڇَڙا، اللهَ! گهاتُو آڻِ،

مِيان! مُدارَنِ سين، مونکي، قادرَا! وِڃُ مَ ڪاڻِ؛

هَٿَ مُنهِنجي هاڻِ، قَدُرُ لِڌو جِنِ ري.

سائڻ سڪينه سلام الله عليها جي شهادت يزيديت جي منهن تي چماٽ آهي

اعجاز ممنائي

بيبي سڪينه بنت الحسين سلام الله عليها جي شهادت جو ڏهاڙو آهي جنهن لاءِ خود مولا امام حسين عليه السلام فرمايو هو ته سڪينه منهنجي نماز شب (تهجد) جي دعائن جو نتيجو آهي ۽ پاڻ اڪثر خداوند ڪريم کان دعا گهرندا هئا ته اي الله مون کي اهڙي نياڻي نصيب فرماءِ جيڪا منهنجي لاءِ سڪون هجي ۽ مان ان لاءِ سڪون هجان اهوئي سبب آهي جو الله سائين ڪين ...

هلڻ کان لاچاري ڏيکاري ته امام ع گهوڙي کي مخاطب ٿي فرمايو اي ذوالجناح چا تون به ٻين وانگر مونکي اڪيلو ڇڏي ويندين؟ تنهن تي ذوالجناح فرمايو مولا منهنجي سنبن ڏي نهاريو مان مجبور آهيان مولا هيٺ ڏٺو ته سائڻ سڪينه سه گهوڙي جي ڄنگهن ۾ ٻاڪر پائي بيٺلي آهي ۽ ڪيس منٿون ڪري رهي آهي ته بابا کي ميدان ۾ نه وٺي وڃ ...

ذبح ڪيو آهي. اي الله! توهان کي خبر آهي ته منهنجي ڏاڏي هميشه توهان جي توحيد ۽ توهان جي رسول جي حفاظت ڪئي ۽ ڪيس دنيا سان ڪا به دلچسپي نه هئي. هو تنهنجي راهه ۾ وڙهيو ۽ توهان ان کي حق جو رستو ڏيکاريو

اي ڪوفيو! اي فريب ڪندڙ! الله تعاليٰ توهان کي اسان اهلبيت (ع) ذريعي آزمايو ۽ اسان جي آزمائش کي سلو ...

علم ۽ عمل جو رشتو

طفيل مگسي

اسان انسانن جي تهذيب وتمدن جي تاريخ اصل ۾ اسان جي علم جي تاريخ آهي. جنهن جو دائرو وقت سان گڏوگڏ پکڙبو رهيو ٿو يا ائين کڻي چئو ته علم پنهنجي ڪانٽينٽ ۽ فارم ۾ مسلسل ڪشادگي ۽ روشني آڻيندو وڃي ٿو

حقيقي علم ڪتابن يا علم سان ٽمتار بحثن کان ٿيندو انسان جي شعور جو حصو بڻجي وڃي ٿو ۽ جنهن ڪانپوءِ اهو نظريي ۾ پوئجي ٿو ۽ نظريي ڪانپوءِ وري عمل ۾ پوئجي وڃي ٿو ۽ وري جڏهن عمل ۾ پوئجي ٿو ته اڳ کان وڌيڪ طاقتور شفاف ۽ منظم ٿي ڪري ڪتابن ۽ بحثن جي صورت ۾ واپس انسان جي ذهن تي آواز ڏيئي ٿو ته جيئن اهو انساني عمل جي راهن کي ٻيهر کان وڌيڪ منظم ۽ مڪمل طور تي مقرر ڪري پنهنجي تاريخ جي ايندڙ جستجو کي سدائين جيان ممڪن بڻائي سگهي. علم جي گذريل سموري تاريخ ان ڳالهه جي شاهد ...

قلجي اسٽيشن جي سيد برادري جا اڳواڻ پريس ڪلب پهتا

23 محرم تي هڪ مذهبي اجتماع ۾ سيد الطاف شاهه مٿان سخت تشدد ڪيو ويو: حسين شاهه ۽ ٻيا

توهين اهلبيت عليهم السلام ڪندڙ ملان ۽ شرپسندن خلاف توهين اهلبيت ع جو ڪيس داخل ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) قلجي اسٽيشن جي سيد برادري سيد حسين شاهه، سيد سردار شاهه، ذوالفقار پٽي ۽ ٻين دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳائيندي چيو ته قلجي اسٽيشن ۾ 23 محرم تي هڪ مذهبي اجتماع ۾ سيد الطاف شاهه مٿان سخت تشدد ڪيو ويو ۽ وري سيد الطاف شاهه مٿان قلجي ٿاڻي تي رات جو 3 بجي ايف آئي آر داخل ڪئي وئي جنهن ۾ فريادي، ايس ايڇ او برڙيل پنهور، اي ايس آءِ اصغر پنهور، منشي علي شير پنهور جيڪي ٻاڻ ۾ ويٺا مائٽ آهن جيڪي هڪ سازش تحت سيد ذات خلاف ڪافي وقتن کان سازشون ڪري رهيا آهن. هنن چيو ته مذهبي نالي تي داخل ٿيل ڪيس جي جاچ ٿيڻ بدران ڪيٽي جتوئي جو وڏو منڇي ۽ ڪيس جو جاچ آفيسر فريادي ڌر جي ونگار وهندي اسان جا بيان وٺڻ بدران هاڻ ڪيس کي دهشتگردي جا ڪلم شامل ڪرڻ چاهي ٿو، داخل ٿيل ڪيس مڪمل طور ڪوڙو آهي. قلجي اسٽيشن جامع مسجد رحمانيه ۾ هڪ فتني تحت محرم جي ڏينهن ۾ معصومن جي توهين ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته مولوي عظيم مهيسر کي منع ڪرڻ تي مولوي ۽ ان جي ساٿين سيد الطاف شاهه تي سازش ڪري مٿس سخت تشدد ڪري فسادي غلام قادر بروهي، رفيق پنهور فريادي مولوي قاسم پنهور، نواز چانڊيو، ڪاشف نواز چانڊيو، قاسم دريشاڻي پنهور، مولوي فدا حسين دستي مذهبي فساد ڪرائڻ چاهين ٿا. هنن چيو دادو ايس ايس پي دادو اسان جو به ڪيس داخل ڪري ۽ ايس ايڇ او قلجي اسٽيشن، اي ايس آءِ قلجي کي هٽايو وڃي. محرم الحرام تي مسجد رحمانيه قلجي اسٽيشن ۾ شرپسند ملان عظيم مهيسر جنهن تي 40 ڏينهن پابندي مڙهيل هئي سنڌس لسٽ ۾ 41 نمبر تالو آهي، لائوڊ اسپيڪر تي تقرير ڪندي اهلبيت رسول اڪرم ﷺ جي شان ۾ گستاخي ڪندي نازيبا لفظ استعمال ڪيا. جنهن تي ٻاڙي ۾ رهندڙ سيد الطاف حسين شاهه اسٽيج تي وڃي مولوي کي توهين اهلبيت ڪرڻ کان روڪيو جنهن ڪان پوءِ ٻانين ۽ ڪجهه شر پسندن سيد الطاف حسين شاهه مٿان تشدد ڪري مٿس رات جي پيٽ ۾ ڪوڙي ايف آئي آر داخل ڪرائي. جيئن ته توهين اهلبيت عليهم السلام ڪندڙ ملان ۽ شرپسندن خلاف توهين اهلبيت ع جو ڪيس داخل ڪيو وڃي ۽ سيد الطاف حسين شاهه مٿان ڪوڙو ڪيس ختم ڪري ڪيس آزاد ڪيو وڃي. واقعي جي شفاف جاچ ڪري قلجي اسٽيشن سميت پوري دادو ضلعي ۾ رهندڙ سيد ذات سان انصاف ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ سيد ذات سان تعلق رکندڙ پوري سنڌ اندر سخت احتجاج ڪيا ويندا، جنهن جا ذميوار جاثايل فسادي ڌر جاشرپسند ۽ قلجي اسٽيشن پوليس هوندي.

دادو ۾ پ پ جي جيالن جو دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاج

اولاد لاءِ نوڪرين ۾ پ پ قيادت پاران نظرانداز ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

اسان پنهنجي اولاد کي نوڪريون ڏيارڻ تائين احتجاج جاري رکنداسين: جيالا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پ پ جي جيالن جو دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاج ...

بقايا 01 سنڌيار

...

بقايا 03 سنڌيار

تي رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو آندو ويو زخمين ۾ ٻن ورهين جو معصوم ٻارڙو عبدالواحد ٻانيهپوٽو ستار ٻانيهپوٽو، بلاول ۽ هاشم ٻانيهپوٽو شامل آهن. جڏهن ڏڙو اسپتال ۾ صحت جون سهولتون اڻلڀ بعد زخمين کي حيدرآباد سول اسپتال نيو ويو.

بقايا 04 سنڌيار

آهي ته يوسي مبارڪپور ۾ پنج ڪروڙن جو پيور بلاڪ جو ڪم هلي رهيو آهي ڊنڊي ڪان ٺڪرانو ۽ تلين ڪان روپهر جي روڊ جو ڪم جاري آهي جيڪو جلد مڪمل ٿيندو خورشيد احمد شاهه چيو آهي ته ٺڪرانو ۾ هڪ اسڪول ٺهرائيندس جيڪو آ بي اي ڪي ڏيندس ان ۾ غريبن جا 600 ٻار مفت تعليم حاصل ڪندا ڦن چيو آهي ته ٺڪرانو جي ڊرينيج سسٽم جي اسڪيم 6 ڏينهن ۾ مڪمل ڪئي ڇا اتي ماڻهن اسانجي تعريف ڪئي. سيد خورشيد احمد شاهه پ پ اڳواڻ رئيس امام بخش مهتم سان والد جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪرڻ دوران چيو ته پني عاقل ۽ روهڙي تعلقي مان 2 آر ايڇ سي سينٽر ڏنا آهن جيڪي جلد تي ويندا ان ڪانپوءِ 2 ٻيا بي ايڇ يو سينٽر آر ايڇ سي سينٽر لاءِ ڏينداسين ان موقعي تي سيد خورشيد احمد شاهه شهر ۽ ٻرياسي ۾ هلندڙ روڊن جي ڪم جو معائنو پڻ ڪيو آهي.

بقايا 05 سنڌيار

طرف واپڊا وارن ٻاران بجلي تي هٿرادو ٽيڪس لڳائي شهرين کي واڌو ڏڌي سخت پريشان ڪري ڇڏيو آهي انهن جي ڪري شهرين بل ڀرڻ بندڪري ڇڏيا آهن جيڪڏهن مهانگائي ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ واڌو بلن تي ڪنٽرول نه ڪيو ويو ته سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 06 سنڌيار

جتوئي هوٽل وٽ احتجاجي مظاهرو ڌرڻن کي ٻاهيون مسلسل 3 ڪلاڪ ڌرڻو جاري رهيو سنڌ پنجاب طرف ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ معطل رهي مظاهرين جا پوليس خلاف سخت نعريبازي اي ايس پي سٽي فاضل شاهه ڌرڻي واري هنڌ پهچي ڳالهيون ڪري خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪرايو خبر موجب خانپور ٿاڻي جي حد انڊس هاءِ وي تي مختيار ڪار آفيس پرسان 3 نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿيار بندن خانپور شهر جي منگٿهار پاڙي جي رهواسي ڀوڙ برادري جي چنگي مڙس الله رکيو عرف بابو ڀوڙ جي ٻن پٽن الطاف خان ڀوڙ ۽ محمد حنيف ڀوڙ کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 2023 ماڊل ون ٽو فاءِ موٽرسائيڪل 53 هزار روڪ رقم به عدد موبائيل فون ۽ بيوقيمتي سامان ڦر ڪري فائرنگ ڪندا فرار ٿي واقعي بعد متاثرين جو خانپور انڊس هاءِ وي جتوئي هوٽل پرسان ٽائرن کي باهه ڏئي احتجاج ڌرڻو لڳايو ويو جنهن دوران گاڏين جون قطارون لڳي ويون ۽ مسافرن کي سخت پريشاني سان منهن ڏيڻو پيو انهي موقعي تي احتجاج ڪندڙن الله رکيو عرف بابوخان ڀوڙ شهزادخان ڀوڙ، الطاف خان ڀوڙ محمد حنيف ڀوڙ سائينداد ڀوڙ عمران ڀوڙ ۽ ٻين ميڊيا سامهون دانهيندي الزام لڳائيندي چيو ته خانپور پوليس جي لاپرواهي سبب ڦر جو واقعو پيش آيو آهي هنن چيو ته خانپور پوليس ڌوهارين سان هٿ ٺوڪيل آهي ۽ پوليس علائقي جا سمورا روڊ رستا ڌوهارين جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن جنهن جي ڪري ڦرلٽ چورين ۽ اغوائن جون وارداتون معمول بڻيل آهن متاثرين آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي شڪارپور کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦر ٿيل روڪ رقم موبائيل فونيون ۽ موٽرسائيڪل واپس ڪرائي علائقي جو امن وآمان جي صورتحال کي بهتر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو پٺي طرف اي ايس پي سٽي فاضل شاهه ڌرڻي واري هنڌ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڦرٽيل سامان واپس ڪرڻ جي خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪرايو پٺي طرف ڌرڻي سبب انڊس بند هئڻ ڪري ڪنڌ ڪوٽ کان شڪارپور ويندڙ صحافي سلطان احمد ۽ عبد الشڪور ڪان چوٽي شاخ وٽ لنڪ روڊ تي هٿياربندن پاران ڪار کي رڪرائي روڪ رقم موبائيل سيٽ ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا واقعي جي خانپور ٿاڻي تي پڻ اين سي داخل ڪرائي وئي آهي، هوڏانهن ياد رهي ته ٽن ڏينهن اندر 7 ڦرلٽ جون وارداتون ٿيون آهن پر پوليس جي رٽ مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي مظاهرين آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي شڪارپور کان مطالبو ڪيو ته بدامني تي ضابطو آڻي بد امني تي ڪنٽرول ڪيو وڃي.

بقايا 07 سنڌيار

۾ نامزد جوابدارن سان رابطن جي تصديق ڪئي آهي. جوابدارن جاچ دوران اعتراف ڪيو آهي ته قتل ۾ ملوث جوابدار هنن وٽ موجود هئا. هوڏانهن پوليس جوابدارن کي سخت سڪيورٽي ۾ دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج عبدالرحمان قاضي جي عدالت ۾ پيش ڪيو. پيشي دوران پوليس جوابدارن کان جاچ مڪمل ڪرڻ لاءِ عدالت کان وڌيڪ 14 ڏينهن جي ريمانڊ جي درخواست ڪئي. عدالت پوليس کان پڇائو ڪيو ته قتل ڪيس ۾ نامزد ٻين جوابدارن کي گرفتار ڇو نه ڪيو ويو. پوليس عدالت کي ٻڌايو ته ڪيس ۾ نامزد جوابدارن ڪچي واري علائقي ۾ پناهه ورتي آهي، قتل ڪيس ۾ نامزد ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو هوڏانهن عدالت جوابدارن جي ريمانڊ ۾ وڌيڪ 6 ڏينهن جي واڌ ڪندي ٽنهي گرفتار جوابدارن کي 6 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي. شهيد جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث مک جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن. ياد رهي ته شهيد جان محمد مهر کي 13 آگسٽ تي آفيس کان گهر موٽندي شهيد ڪيو ويو.

بقايا 08 سنڌيار

ڪيس داخل هئڻ باوجود عورتون بازياب نه ڪرڻ جي خلاف ڳوٺاڻن بدين پريس ڪلب

بقايا 09 سنڌيار

... اسلام ڪوٽ ... نشي ۾ ڌت ... ذريعو ڪسي ... ورتو آهي، ... سميت ميڊيا ... پي ٽرپارڪر ... چڙيو

بقايا 11 سنڌيار

ڏني وڃي ۾ پوليس اڃا تائين چوري ٿيل سامان هٿ ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي. هن وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته سنڌس چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي.

بقايا 12 سنڌيار

"ٿي، جاءِ جي مالڪ وڪيل ڪيترائي ڀيرا ڏانهڻ باوجود ڪي اپاءَ نه ورتا، ڪمشنر ڊي سي ۽ ميئر ڪان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب سکرجي معصوم شاهه ميناري ويجهو ملٽري ڪوارٽرز ٽڪر محلا ۾ وڏي آبادي جي وچ ۾ شهر جو سڀ کان مٿي موبائل ٽاور لڳل آهي اهو ڪڏهن به هيٺ ڪري سگهي ٿو جاثايل جڳهه جي اڄ صبح وڏي ديوار ڪرڻ سبب سڄي گهٽي بند ٿي وئي آهي معصوم ٻار ۽ وڏا معجزاتي طور بچي ويا پراڻي جڳهه ۽ مٿيءَ جي ڏڙي تي لهيل ان ٽاور مان نه رڳو هڪ گهر بلڪ چوڌاري سوين گهرن ۾ رهندڙ ماڻهو ريڊ ڪراس، ايس آئي يو ٽي اسپتال متاثر ٿي سگهن ٿا رهواسين محمد اڪرم، امجدخان، ساجد، عبد، احسن، علي احمد ۽ ٻين ٻڌايو ته ان جو مک سبب اهو آهي ته جنهن جڳهه تي ٽاور لڳل آهي اهو پراڻي مٽيءَ جي ڏڙي تي قائم ڪيو ويو آهي نيڪال نه هجڻ ڪري جڏهن به برسات پوندي آهي ته علائقي جي ڪيترن گهرن جي پيتين مان گاري وارو پاڻي نڪرندو آهي جڳهه جي مالڪ ايڊووڪيٽ سيد حسن علي شاهه کي ٻاڙي وارن ڪيترائي ڀيرا آگاهه ڪيو آهي ان جي باوجود ڪي به ٽڪرا اپاءَ ناهن ورتا ويا نتيجي طور برسات پوڻ دوران ماڻهن جو ساهه مٽ ۾ رهي آهي ٽاور جي چوڌاري ڪيترن ئي جايون ڪمزور ٿي رهيون آهن متاثر ٿيندڙن ڪمشنر سکر ميئر سکر ۽ ڊي سي سکر سميت ميڊيا کي اپيل ڪئي ته ٽاور واري جڳهه ۽ متاثر ٿيندڙ گهرن جو جائزو وٺي تدارڪ ڪرايو وڃي جيئن انساني جانيون متاثر ٿيڻ کان بچي سگهن.

بقايا 13 سنڌيار

سميت علائقي جي معززن ۽ برادري جي نيڪ مردن شرڪت ڪئي، رپورٽ موجب رتوديرو نيشنل پريس ڪلب جي فنانس سيڪريٽري قمرالدين سومرو، پاڪستان پيپلزپارٽي اڳواڻ ڊاڪٽر غلام قادر سومرو، ڊاڪٽر مشتاق احمد سومرو، سلطان احمد سومرو زوار ممتاز علي سومرو، شمس الدين سومرو، بدرالدين سومرو جن جي امڙ جي تيجهي جي دعا ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع ڪائونسل چيئرمين اعجاز احمد لغاري، وڏيرو نعمت الله سومرو، مزمل سومرو، پ پ تعلقه صدر لالا نظر محمد پٺاڻ، رتوديرو نيشنل پريس ڪلب جي صدر مظفر علي بوزدار، جنرل سيڪريٽري عزيز الله رند، صوفي ڪنورلعل ماڪيجا، ڪمليش ڪمار دولتاڻي، عصمت الله ڪنير، الطاف حسين گهانگهرو سميت سياسي سماجي مذهبي اڳواڻن، صحافين سميت علائقي جي معززن ۽ برادري جي نيڪ مردن پاران تعزيت ڪئي ۽ ئي.

بقايا 14 سنڌيار

راجا ڏاهر ڪٽي غلام مصطفي لوهار ڪامران شاهه ۽ ٻيا قافلي ۾ شامل. تفصيلن موجب نجف اشرف ڪان ڪربلا معلي تائين عشق جو سفر سيد الشهداءِ حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس جانثارن جي چهلم جي حوالي سان سموري دنيا مان مرد عورتون پوڙها توڙي ننڍڙا ٻچڙا نجف اشرف کان ڪربلا معلي ڏير پيدل سفر ڪندا آهن جنهن کي مشي چيو ويندو آهي سموري دنيا جيان جاتي شهر مان پڻ عشق سفر مشي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ انهي مشي جي جلوس ۽ مشي جو حصو بڻجندڙ مومنين عزادار حسين سميجو فقير پيڻو ٿهيم عمران حيدر قريشي جاويد علي ابڙو ڪوٽڙي عباس لوهار راجا ڏاهر ڪٽي غلام مصطفي لوهار ڪامران شاهه ۽ فيمليون ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ نڪرندڙ جلوس ۾ شموليت ڪرڻ لاءِ سفر ۾ آهن جنهن کي اربعين سفر عشق چيو ويندو آهي هر سال جيان هن سال دستور موجب مولا جي زيارت ڪرڻ لاءِ سموري دنيا ڪان لڳ ڀڳ 10 ڪروڙن تائين عزادارن هن مشي جي سفر ۾ شامل ٿي چڪا آهن ڪروڙن جي تعداد مومنين محمد و آل محمد کي چهلم امام حسين عليه السلام جو پرسو ڏيڻ لاءِ عراق جي سرزمين تي پهتل آهن نجف ڪان ڪربلا جو 90 ڪلوميٽر فاصلو آهي ۽ هن سڄي سفر ۾ ڪاٿي پيئڻ دوائون آرام ۽ بهترين رهائش جون سهولتون مفت فراهم ڪيون وڃن ٿيون

بقايا 15 سنڌيار

۾ نيشنل بينڪ چوڪ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري سرڪار خلاف نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ڪرپٽ حڪمرانن ملڪ ۾ مهانگائي جو طوفان آڻي عوام کي خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي پيٽرول، بجلي، گيس، سميت ڪاڌي پيتي جي شين جون قيمتون چوٽ چڙهي ويون آهن جنهن سبب هر شهري مهانگائي سبب سخت پريشان بڻيل آهي پر حڪمرانن کي عوام جو ڪو به احساس ناهي هنن نگران سرڪار کان مطالبو ڪيو ته مهانگائي کي فوري طور ختم ڪري غريب عوام کي جيئڻ ڏنو وڃي.

بقايا 16 سنڌيار

جي خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري زال واپس ڪرائي وڃي

بقايا 17 سنڌيار

ڪٽي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، ان موقعي حبدار ميرجت، آغا ڪالاڻي، معتبر چانڊيو ثاقب رضا پٽي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ اندر انساني حقن جي لتاڙ معمول بڻيل آهي ڪڏهن قومي ڪارڪنن کي گم ڪيو ٿو وڃي ته ڪڏهن معصوم نياڻين کي قتل ڪيو ٿو وڃي اهڙا عمل انساني حقن جي لتاڙ سمجهون ٿا، مظاهرين مطالبو ڪيو ته جبري طور ڪنيي گم ڪيل قومي ڪارڪنن جي گرفتاري ظاهر ڪري عدالت ۾ پيش ڪري انساني حقن جي لتاڙ بند ڪئي وڃي.

بقايا 18 سنڌيار

ڪري ورتو تفصيل موجب پرووشنل بلڊنگس ۽ هائي ويز ڪاتي بدين جي ٺيڪيدار مشتاق ميمڻ طرفان پرووشنل بلڊنگس بدين ۽ هائي ويز ڪاتي بدين ۾ هڪ ارب روپين کان وڌيڪ گهپلن جي نشاندهي ڪندي حيدرآباد سرڪل جي اينٽي ڪرپشن ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪندي بدين جي ورڪس سروس جي ايس اي امير بخش راهو پوٽو ۽ پرووشنل بلڊنگس ڪاتي بدين جي انجنيئر پرويز خواجا ۽ ڊسٽرڪٽ هائي ويز ڪاتي بدين جي انجنيئر عبدالسلام ميمڻ ڊي سي بدين جي فوڪل پرسن براءِ فنانس ۽ ڊوولپمنٽ ڦوتو ڪوڪر ۽ ٺيڪيدار منير ميمڻ خلاف گڏيل مهيني درخواست داخل ڪئي آهي جنهن ۾ هن مٿين آفيسرن ۽ ٺيڪيدار تي الزام مڙهيو آهي ته هنن گڏيل چئين سالن ۾ هڪ ارب روپين کان وڌيڪ ڪرپشن ڪئي آهي درخواست ۾ هن چاڻايو آهي ته هڪ سو کان وڌيڪ روڊن ۽ سرڪاري عمارتن جي تعمير ۽ مرمت جي اسڪيمن جا ٻه ٽي دفعا ٽينڊر ڪري ڪروڙين روپين جا جعلي بل ناهي ڪرپشن ڪئي آهي مشتاق ميمڻ درخواست ۾ چاڻايو آهي ته گذريل سال ڊي سي بدين جي آفيس جي مرمت ۽ پارڪ جي تعمير جو ٺيڪو ڊي سي جي فوڪل پرسن جي هڪ خاص ماڻهو کي سترلکن جو ٺيڪو ڏنو ويو پر ڊي سي آفيس جي احاطي ۾ پارڪ تعمير نه ٿيو آهي ان هوندي به ان ڊي سي آفيس جي مرمت ۽ پارڪ جي تعمير جو هڪ ڪروڙ جو بيهر ٺيڪو اڳوٽي ٺيڪيدار جي ننڍي ڀاءُ کي ڏئي ڪروڙ روپيا ڪيرايا ويا آهن درخواست ڏيندڙ مشتاق ميمڻ عدالت کي گذارش ڪئي آهي ته هنن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي اينٽي ڪرپشن حيدرآباد سرڪل جي عدالت چاڻايل آفيسرن ۽ ٺيڪيدار کي 12 آگسٽ تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جو حڪم ڪيو هوجتي هو پيش ٿيا پر عدالت هنن کي بيهر 8 سيپٽمبر تي رڪارڊ سميت پيش ٿيڻ جو حڪم ڪيو آهي

بقايا 19 سنڌيار

ڪان اسان جو نوجوان پٽ نظير احمد مهر جيڪو موٽرسائيڪل تي کپاڙ جو ڪم ڪندو هو جيڪو پراسرار طور لاپتا ٿي ويو آهي جنهن جي ڳولا دوران اسان کي فون ڪري ٻڌايو ويو ته توهان جي پٽ کي شهدادڪوٽ پوليس کڻي وئي آهي جنهن لاءِ اسان قرآن پاڪ کڻي شهدادڪوٽ جي ٿاڻن جي اي سيڪشن ۽ بي سيڪشن ٿاڻن تي وياسين اتي موجود وڏي منشي چيو ته اسان کي ڪا خبر ناهي هنن چيو ته اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي. هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي لاڙڪاڻو کان مطالبو ڪيو ته اسان جي مدد ڪري اسان جي پٽ نظير احمد مهر کي واپس ڪرائي ڏنو وڃي.

بقايا 20 سنڌيار

موجب ڏڙو شهر سميت ٻرياسي جي مختلف يوسيز خانپور، لاڪپور، بڄل گگو، ٻنون، مراد پور، حسين پور، اڪبر شاهه ۽ ڪندور جي مختلف ڳوٺن ۾ مليريا تيزي سان پکڙجڻ لڳي آهي، مليريا جي چرڪائيندڙ رپورٽ مطابق نجي اسپتالن کي ڇڏي ڪري فقط سرڪاري اسپتال رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو ۽ بي ايڇ يو ڪانڊڙا جي ورتل جائزي مطابق هڪ مهيني ۾ مليريا جون 7 هزار کان وڌيڪ ٽيسٽون ڪيون ويون، جنهن ۾ 4 هزار کان وڌيڪ ڪيس پازيٽو آيا آهن. ڏڙو سميت مختلف علائقن ۾ مڇر مار ڦوهارو نه ٿيڻ ڪري مليريا وبائي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي، سرڪاري ۽ خانگي اسپتالون مريضن سان سٽجي ويون آهن. رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو، بي ايڇ يو ڪانڊڙا، لاڪپور، ٻنون ۽ ٻين ڳوٺاڻي صحت مرڪزن ۾ ڊاڪٽرن سميت بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب علاج لاءِ ايندڙ مريض سخت پريشان آهن. اسپتالن ۾ مليريا جي ڪٽون اڻلڀ ٿي ويون آهن. جڏهن ته صحت کاتي سڄاول جي ڊي ايڇ او پاران اسپتالن کي بهتر بنائڻ وارين دعوائن جو پول کلي ويو آهي، ڏڙو ۽ پر ٻاسي جي رهواسين پاران سنڌ جي نگران حڪومت، ڊي سي سڄاول ۽ صحت کاتي جي اعلي اختيارين کان هنگامي بنيادن تي اپاءَ وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 21 سنڌيار

ملهار جوڻيجو ۽ جمشير جوڻيجو اسان جي والد قادر داد جوڻيجو کي 10 جولائي 2023 تي قتل ڪيو هو واقعي جي ايف آءِ آر راڻي پور ٿاڻي تي داخل هجڻ باوجود پوليس هن وقت تائين هڪ به جوابدار گرفتار ناهي ڪيو صرف آسرن ڪانسواءِ ڪجهه به نه ڪري سگهي آهي، جوابدار ڏوهاري ۽ پوليس کي ڪيترن ئي سنگين ڏوهي وارداتن ۾ گهربل آهن ذوالفقار عرف پٽو جوڻيجو مٿان سنڌ حڪومت طرفان گرفتاري تي مٿس 40 لک روپيا انعام پڻ رکيل آهي جوابدارن اسان جي 20 ايڪڙ زرعي زمين جنهن تي ڪجين ۽ ڪيلن جا باغ آهن تي زبردستي قبضو ڪيو آهي اسان تي پاڻرءِ هڪ پيڻ سڀ جا سڀ اکين جي نور کان محروم آهيون پيدائشي نابين آهيون جنهن ڪري جوابدارن بغير ڪنهن ڊپ جي اسان نابينن جي زمين قبائڻ لاءِ قبضو ڪيو آهي. لياقت علي جوڻيجو چيو ته نابينن جي سماجي تنظيم جو جنرل سيڪريٽري به آهيان جيڪڏهن والد جا قاتل جلد گرفتار نه ٿيا ته بي صورت ۾ ٻريور احتجاج ۽ بک هڙتال ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندسين هنن صدر پاڪستان، چيف جسٽس آف پاڪستان سميت نگران وزيراعظم آرمي چيف ۽ ٻين اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته والد قادرداد جوڻيجو جي قتل ۾ ملوث سمورن جوادارن کي گرفتار ڪرائي سخت کان سخت سزا ڏيارڻ سميت قبضي ڪيل زرعي زمين تان قبضو ختم ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

بقايا 22 سنڌيار

طيب هاليپوٽو ۾ گهر جو لوڙهو ڏيڻ تان سهري کهاڙيون هٽي پنهنجي ناٿي اسماعيل عرف خدا ڏنو هاليپوٽو کي زخمي ڪري ڇڏيو جواب ۾ اسماعيل عرف خدا ڏنو وري کهاڙيون هٽي پنهنجي سالي سجاد علي هاليپوٽو کي زخمي ڪري ڇڏيو، ٻنهي زخمين کي تعلقه اسپتال ٽنڊوباگو پهچايو ويو جتان اسماعيل عرف خدا ڏنو هاليپوٽو کي گنڀير حالت ۾ حيدرآباد روانو ڪيو ويو آهي. جڏهن ته سجاد علي کي انڊس اسپتال بدين ريفر ڪيو ويو آهي.

بقايا 23 سنڌيار

جي آزادي جو مطالبو وارهه ڏهه ڏينهن اڳ ڪنيي گم ڪيل نوجوان جي آزادي لاءِ وارثن طرفان احتجاج ان موقعي تي سنڌس جي امڙ زبيده خاتون ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي پٽ کي وارهه پوليس بيگناهه ڪنيي گم ڪري ڇڏيو آهي، هن چيو ته مان ڪينسر جي مريض آهيان منهنجو مڙس ٽي بي جو مريض آهي اسان جي گهر جو واحد ڪفيل منهنجو پٽ سينگار آهي جيڪو هاريپي جو ڪم ڪري اسان جو علاج وغيره ڪرائيندو آهي ۽ گهر جو خرچ هلائيندو آهي، هن چيو ته وارهه پوليس سنڌس کي ڏهه ڏينهن اڳ ڪنيي گم ڪيو آهي اسان کي خطرو آهي ته وارهه پوليس سنڌس کي ڪوڙو مقابلو ڄاڻائي قتل نه ڪري ڇڏي هنن مطالبو ڪندي ايس ايس پي قمبر، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته نوٽيس وٺي اسان جي پٽ کي آزاد ڪرائي اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 24 سنڌيار

جي ٽڪڙي ازالي لاءِ، سڀ ڪجهه بغير ڪنهن قيمت جي. ليگل ايڊ سوسائٽي، سکر سنڌ، جيڪا انصاف ۽ برابري جي فروغ لاءِ پنهنجي وقف جي ڪري مشهور آهي، هائي وفاقي محتسب سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي ته جيئن شهرين کي سنڌن خدشن جي بروقت حل لاءِ رهنمائي ڪري. هن تعاون ذريعي ماڻهن کي انصاف تائين رسائي جي چئلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري معلومات ۽ مدد فراهم ڪئي ويندي، انهن کي قابل اعتماد ۽ آسانيءَ سان وفاقي محتسب سان رابطو ڪرڻ جي قابل بڻائي. ٻنهي ليگل ايڊ سوسائٽي ۽ وفاقي محتسب جي نمائندن تعاون جي امڪاني اثر لاءِ پنهنجي جوش جو اظهار ڪيو. هي اتحاد نه رڳو شهرين جي مدد طلب ڪرڻ جي عمل کي هموار ڪري ٿو پر ٻنهي تنظيمن جي گڏيل ويزن سان هم آهنگ آهي انهي ڳالهه کي يقيني بڻائڻ ۾ ته انصاف جي رسائي سماج جي سڀني طبقن تائين پهچندي.

بقايا 25 سنڌيار

ڪلب پهتي مظاهرين جي هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا جيڪي مظاهرين مهانگائي خلاف سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا خلق جي خدمت آرگنائيزيشن جي چيئرپرسن روزينه جتوئي خطاب ڪندي چيو ته مهانگائي جو طوفان برپا ٿي ويو آهي مهانگائي سبب غريب ماڻهو ٻن ويلن جي ماني کاڻي نٿا سگهن ضلعي انتظاميه اکيون ٻوٽي ستل آهي هن چتاءُ ڏيندي چيو ته هاڻي کان پوءِ پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ حڪومت پاران اضافو ڪرڻ جو ڪو فيصلو ٿيو ته مهانگائي تمام وڌي ويندي نتيجي ۾ ماڻهو خودڪشيون ڪرڻ ۾ دير نه ڪندا چاڪاڻ ته ڪو به ماڻهو پنهنجا ٻچا بکن وگهي تڙپڻ کي ڏسي نه سگهندو، هن چيو ته بک ۽ بدحالي جي ڪري ماڻهو ذهني طرح مايوسي طرف وڌڻ لڳا آهن جنهن ڪري ملڪ ۾ بجلي خلاف عوام روڊن تي نڪتو آهي ۽ اٽي جي قيمتن سميت ڪاڌي پيتي جي قيمتن تي ضابطو نه آيو ته وڏي ملڪ اندر افرا تفري پيدا ٿيندي جنهن جو نقصان حڪومت جي برداشت کان وڌي ويندو. ان موقعي تي سماجي ڪارڪن حسينه لغاري، ارم عباس سولنگي، ڪشف عباس سولنگي، زرينه، جاويد جتوئي، منصور حيدر پنهور، شاهزيب جتوئي، ذڪريا جمالي، سهراب جمالي، شيراز سومرو، عبدالواحد ڪوڪر ۽ ٻين دادو جي سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن شرڪت ڪئي.

بقايا 26 سنڌيار

ڪري ڪلي ويا آهن جنهن جو اطلاع رتوديرو ٿاڻي تي ڏنو هو مگر هن وقت تائين ڏان غريب سان انصاف نه ٿيو آهي هن ايس ايس پي لاڙڪاڻو کان انصاف جي اپيل ڪندي چيو ته مان پاڻ ساڙيندس.

بقايا 27 سنڌيار

ٿيا فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ چيو ته ML2 روهڙي لاڙڪاڻو دادو ڪوٽڙي ٽريڪ تي سنڌو درياءَ جي ساڄي پاسي آباد ڪروڙين سنڌ واسين خاطر ڪراچي لاءِ هڪ به ٽرين نه هجڻ سبب هزارين مسافر روزاني ڪوچ ٻوم ۽ وين جو وڏو ڪرايو ڀري ڪراچي اچ وڃ ڪن ٿا انگريز بنا دير ML2 روهڙي لاڙڪاڻو دادو ڪوٽڙي ڪراچي ٽريڪ تي ڪراچي لاءِ بولان ميل بحال ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ جدوجهد جاري رهندي.

بقايا 28 سنڌيار

ڌاڙن جي وڌندڙ وارداتن ۽ پوليس جي ناڪامين کان پوءِ شهري راتيون جاڳي گذاري رهيا آهن پريس ايس پي بدين جي ڪن تي جون به ڪون سري آهي ضلع جي هر شهر توڙي ڳوٺ ۾ چرس هيروئن ڪچو شراب آفين پوليس جي سرپرستيءَ ۾ هلي رهيو آهي جنهن جي ڪري نوجوان نسل تباهه ٿي رهيو آهي منشيات جي وڪري جي خلاف احتجاجي مظاهرا ڪندڙ سياسي ڪارڪنن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڪين جيل حوالي ڪيو پيو وڃي هنن نگران وزير اعلي سنڌ آءِ جي سنڌ سيشن جج بدين کان مطالبو ڪيو ته پوليس جي سرپرستي ۾ هلندڙ منشيات بند ڪرائي ٿاڻن تي سٺي ساک وارن آفيسرن کي مقرر ڪري چورين ڦرون ڌاڙا بند ڪرائي فريادين جي حق رسائي ڪرائي شهرين سياسي سماجي اڳواڻ ڪارڪنن ۾ پڪڙيل بي چيني کي ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي ضلع تائين احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 29 سنڌيار

لعل بخش گهوٽو سليم الله خان ڪلوڙ زراعت کاتي جو اڳوٽو ڊي جي ملڪ محمد اڪرم سڪندر علي لاکو سيد ماجد شاهه اختر علي سنگهڙ سيد رضوان شاهه رضا مغل قلم ڏٿين الهوريو بوزدار لطيف لغاري نياز حسين چنا آزاد مهر شاهد چنا نور ڪنڀڙو صدام حسين ملڪ علي اصغر ٽانوري حافظ حميد الله مهر نعمت الله ڪوڪر عبدالوهاب منگي خالد منگي سليم منگي رياض منگي شهزادو منگي راحب منگي سعيد احمد منگي ۽ ٻيا محلا ٽنڊوٺٻائي پهچي نجي ٽي وي نيوز جي سينيئر ڪئمرامين يوسف منگي سان مامي جي تعزيت ڪئي ڪري افسوس جو اظهار ڪيو

بقايا 30 سنڌيار

جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل ٺيڪيدارن کي هدايتون ڏنيون. ان موقعي تي علائقي جي رهواسين ڪم جي معيار ۽ رفتار تي اطمينان جو اظهار ڪندي ميئر سکر جو شڪريو ادا ڪيو ته هن نئون ڳوٺ جو ڪافي عرصي کان جاري مسئلو حل ڪيو ويو يوسي جي ٻين دوستن ۽ روايتي دوستن لاءِ ناشتي جي دعوت جو انتظام ڪيو ويو مهمانن کي سنڌ جا تحفا، اجرڪ ۽ ٽوپي پيش ڪئي وئي، ان موقعي تي ميئر ارسلان شيخ علائقي کي درپيش مسئلا حل ڪرڻ جي مڪمل يقين ڏيارين.

بقايا 31 سنڌيار

نشين مخدوم الحاج شاهه محمود حسين قريشي جي سجاده نشين مخدوم محمد زين حسين قريشي، مخدوم مريد حسين قريشي، مخدوم سجاد حسين قريشي آب زم زم جي پاڻي سان غسل ڏئي عرس مبارڪ جو افتتاح ڪيو ٽن ڏينهن وارو تقريب کي وڏن وڏن علمائن، مشائخن، محققن گادي نشينن، علامه مظهر سعيد ڪاظمي، پير خالد سلطان قادري، خواجه معين الدين محبوب ڪوريجا، سيد ڪاظم علي شاهه لکياري، ڊاڪٽر محمد صديق خان قادري، برگيڊيئر (ر) مقصود احمد قريشي، سيد علي اڪبر شاهه، ميان عابد علي انڊڙ سهروردي، عابد حسين قريشي، خادم حسين سعيدي، قاري رمضان علي چشتي، ۽ ٻين حضرت غوث بهاءُ الحق زڪريا ملتاني رح جي ڪرامتن تي روشني وڌي جڏهن ته سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هئا، پنجاب پوليس سان گڏ غوثيا جماعت جي جانثارن چيف سيڪيورٽي جانثار غوثيه خليفو امان الله خان درس، سيڪيورٽي انچارج غوثيا جماعت خادم حسين مگريو، فقير شاد محمود پٽو، ضمير حسين پٽو، عابد حسن پٽو، غلام مرتضي جروار، عزيز الله ٿهيم، قربان سهتي عبدالرسول ناريجو، لياقت جروار، انيس احمد نوحاڻي، ساجد جروار، نور محمد پاڻون، محمد حيات درس، هادي بخش جروار، انور علي مگريو غلام نبي ڪوراڻي، واحد بخش بلوچ، الله بچايو ورياهه، گل محمد خاصخيلي، خليفو رياض حسين چاچڙ، ٻين سرانجام ڏنا، عرس مبارڪ جي تقريب ۾ آستان زڪريا نئون ديرو ڪان حسام الدين پٽو، عبدالواحد عرف اظهر علي پٽو، محمد بخش ناريجو، غلام عباس ڪوڪر، ساجد حيدري جروار، اي ڊي جروار، حاجي خدا بخش چاچڙ، ضمير حسين جتوئي، محمد قاسم جروار، محمد يعقوب پٽو، شعبان جروار ۽ نعت خوان حاجي انور علي چاچڙ خان محمد

بقايا 32 سنڌيار

ڪرڻ بجاءِ 800 کان 1200 ارب جي بجلي چوري کي روڪڻ لاءِ خاص عدالتون قائم ڪري ان ۾ ملوث عنصرن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ خصوصي عدالتون قائم ڪيون وڃن. اهڙن خيالن جو اظهار سکر چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي صدر بلال وقار خان فيڊريشن جي هيڊ آفيس ۾ پريس بريفنگ دوران ڪيو. پاڪستان چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري ڪراچي جو اجلاس FPCCI جي صدر عرفان اقبال شيخ جي صدارت هيٺ ٿيو. ان موقعي تي سينيئر وائيس چيئرمين محمد سليمان چاولا، وائيس چيئرمين شبير حسن ۽ ايف پي سي سي آءِ جا ٻيا عهديدار پڻ موجود هئا. سمورن شرڪت ڪندڙن متفقه طور تي حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اندر پيٽرول، بجلي ۽ ٻين شين جي اگهن ۾ ڪيل واڌ کي فوري طور تي ختم ڪيو وڃي. هٿي سڀ چيمبرز ۽ واپاري تنظيمون سڄي ملڪ ۾ هڙتال تي ڪنديون. هن وڌيڪ چيو ته مهانگائي، بجلي ۽ پيٽرول جي اگهن ۾ اضافي سبب واپاري، دڪاندار، صنعتڪار ۽ عوام مهانگائي جي چڪر ۾ ڦاسي ويا آهن ۽ سمورا ڪاروبار سخت متاثر ٿيا آهن ۽ اڪثريت بند ٿيڻ جي ڪناري تي آهي. جنهن سبب بيروزگاري ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو. اهڙي صورتحال ۾ موجوده حڪومت کي گهرجي ته عوام جي خدمت ڪرڻ جو پنهنجو مينڊيٽ پورو ڪري. يوٽيليٽيز جا اگهه ۽ ٽيڪس وڌائڻ بدران واپارين، دڪاندارن، صنعتڪارن ۽ عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ بهتر قدم کڻي.

بقايا 33 سنڌيار

صدارتي خطاب ڪندي چيو ته جيئن اسان سنائي سيد دعويدار آهيون ته اسان جي 100 سال سياسي تاريخ ٿي ڪو آگر نه ڪڻندو پر اسان احتساب لاءِ به تيار آهيون اها ساڳي دعويٰ سڪرنڊ جي قاضي خاندان جي پڻ آهي جن جي 66 سال صحافت تي به ڪو آگر نٿو کڻي سگهي هن چيو ته اصل ۾ اهائي زندگي آهي جو اهڙو ڪردار ٿي ڊيڪاريو جو ماڻهو اوهان تي تنقيد ڪرڻ بجاءِ اوهان جي ڪردار جي شاهدي ڏين سيد زين شاهه هو به چيو ته قاضي الهوريو ميمڻ کان وٺي قاضي سرفراز ميمڻ ۽ قاضي پرويز ميمڻ تائين سنڌن صحافت جون ٽي پيڙهيون صاف سٿري صحافت ڪندي گذريون آهن ان کان اڳ سڪرنڊ پريس ڪلب جي صدر قاضي جاويد سنائي آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ۽ پنهنجي خاندان جي صحافتي پس منظر تي پڻ روشني وڌي جڏهن ته سڪرنڊ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري مير محمد ڪيريو ڪمپيئرنگ دوران پروگرام جي مقصد ۽ قاضي خاندان جي سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ ڪردار بابت ڳالهايو آخر ۾ صحافت جا 66 سال مڪمل ٿيڻ تي ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ رضا محمد سيال، راجڪمار اوڏ، غلام نبي ملاح، گل محمد ڪيريو، برڪت شيخ ۽ ايس يو پي جا ڪارڪن شهمير خان جمالي، قاسم سومرو، نواز ڪنير، محمد علي جلباڻي، علي رضا بروهي ۽ عمران ڪيريو پڻ شريڪ هئا.

بقايا 34 سنڌيار

شهيد فاطمه ڦرڙو جي تڏي تي پهچي سنڌس وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ افسوس جو اظهار ڪيو ۽ هر ممڪن مدد ڪرڻ جي خاطري ڪرائي

بقايا 35 سنڌيار

جتوئي هوٽل وٽ احتجاجي مظاهرو ڌرڻن کي ٻاهيون مسلسل 3 ڪلاڪ ڌرڻو جاري رهيو سنڌ پنجاب طرف ايندڙ ويندڙ ٽرئفڪ معطل رهي مظاهرين جا پوليس خلاف سخت نعريبازي اي ايس پي سٽي فاضل شاهه ڌرڻي واري هنڌ پهچي ڳالهيون ڪري خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪرايو خبر موجب خانپور ٿاڻي جي حد انڊس هاءِ وي تي مختيار ڪار آفيس پرسان 3 نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿيار بندن خانپور شهر جي منگٿهار پاڙي جي رهواسي ڀوڙ برادري جي چنگي مڙس الله رکيو عرف بابو ڀوڙ جي ٻن پٽن الطاف خان ڀوڙ ۽ محمد حنيف ڀوڙ کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي 2023 ماڊل ون ٽو فاءِ موٽرسائيڪل 53 هزار روڪ رقم به عدد موبائيل فون ۽ بيوقيمتي سامان ڦر ڪري فائرنگ ڪندا فرار ٿي واقعي بعد متاثرين جو خانپور انڊس هاءِ وي جتوئي هوٽل پرسان ٽائرن کي باهه ڏئي احتجاج ڌرڻو لڳايو ويو جنهن دوران گاڏين جون قطارون لڳي ويون ۽ مسافرن کي سخت پريشاني سان منهن ڏيڻو پيو انهي موقعي تي احتجاج ڪندڙن الله رکيو عرف بابوخان ڀوڙ شهزادخان ڀوڙ، الطاف خان ڀوڙ محمد حنيف ڀوڙ سائينداد ڀوڙ عمران ڀوڙ ۽ ٻين ميڊيا سامهون دانهيندي الزام لڳائيندي چيو ته خانپور پوليس جي لاپرواهي سبب ڦر جو واقعو پيش آيو آهي هنن چيو ته خانپور پوليس ڌوهارين سان هٿ ٺوڪيل آهي ۽ پوليس علائقي جا سمورا روڊ رستا ڌوهارين جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن جنهن جي ڪري ڦرلٽ چورين ۽ اغوائن جون وارداتون معمول بڻيل آهن متاثرين آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي شڪارپور کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦر ٿيل روڪ رقم موبائيل فونيون ۽ موٽرسائيڪل واپس ڪرائي علائقي جو امن وآمان جي صورتحال کي بهتر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو پٺي طرف اي ايس پي سٽي فاضل شاهه ڌرڻي واري هنڌ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڦرٽيل سامان واپس ڪرڻ جي خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪرايو پٺي طرف ڌرڻي سبب انڊس بند هئڻ ڪري ڪنڌ ڪوٽ کان شڪارپور ويندڙ صحافي سلطان احمد ۽ عبد الشڪور ڪان چوٽي شاخ وٽ لنڪ روڊ تي هٿياربندن پاران ڪار کي رڪرائي روڪ رقم موبائيل سيٽ ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا واقعي جي خانپور ٿاڻي تي پڻ اين سي داخل ڪرائي وئي آهي، هوڏانهن ياد رهي ته ٽن ڏينهن اندر 7 ڦرلٽ جون وارداتون ٿيون آهن پر پوليس جي رٽ مڪمل ناڪام ٿي چڪي آهي مظاهرين آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي شڪارپور کان مطالبو ڪيو ته بدامني تي ضابطو آڻي بد امني تي ڪنٽرول ڪيو وڃي.

بقايا 36 سنڌيار

ملهار جوڻيجو ۽ جمشير جوڻيجو اسان جي والد قادر داد جوڻيجو کي 10 جولائي 2023 تي قتل ڪيو هو واقعي جي ايف آءِ آر راڻي پور ٿاڻي تي داخل هجڻ باوجود پوليس هن وقت تائين هڪ به جوابدار گرفتار ناهي ڪيو صرف آسرن ڪانسواءِ ڪجهه به نه ڪري سگهي آهي، جوابدار ڏوهاري ۽ پوليس کي ڪيترن ئي سنگين ڏوهي وارداتن ۾ گهربل آهن ذوالفقار عرف پٽو جوڻيجو مٿان سنڌ حڪومت طرفان گرفتاري تي مٿس 40 لک روپيا انعام پڻ رکيل آهي جوابدارن اسان جي 20 ايڪڙ زرعي زمين جنهن تي ڪجين ۽ ڪيلن جا باغ آهن تي زبردستي قبضو ڪيو آهي اسان تي پاڻرءِ هڪ پيڻ سڀ جا سڀ اکين جي نور کان محروم آهيون پيدائشي نابين آهيون جنهن ڪري جوابدارن بغير ڪنهن ڊپ جي اسان نابينن جي زمين قبائڻ لاءِ قبضو ڪيو آهي. لياقت علي جوڻيجو چيو ته نابينن جي سماجي تنظيم جو جنرل سيڪريٽري به آهيان جيڪڏهن والد جا قاتل جلد گرفتار نه ٿيا ته بي صورت ۾ ٻريور احتجاج ۽ بک هڙتال ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندسين هنن صدر پاڪستان، چيف جسٽس آف پاڪستان سميت نگران وزيراعظم آرمي چيف ۽ ٻين اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته والد قادرداد جوڻيجو جي قتل ۾ ملوث سمورن جوادارن کي گرفتار ڪرائي سخت کان سخت سزا ڏيارڻ سميت قبضي ڪيل زرعي زمين تان قبضو ختم ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي ملهار جوڻيجو ۽ جمشير جوڻيجو اسان جي والد قادر داد جوڻيجو کي 10 جولائي 2023 تي قتل ڪيو هو واقعي جي ايف آءِ آر راڻي پور ٿاڻي تي داخل هجڻ باوجود پوليس هن وقت تائين هڪ به جوابدار گرفتار ناهي ...

بقايا 37 سنڌيار

موجب ڏڙو شهر سميت ٻرياسي جي مختلف يوسيز خانپور، لاڪپور، بڄل گگو، ٻنون، مراد پور، حسين پور، اڪبر شاهه ۽ ڪندور جي مختلف ڳوٺن ۾ مليريا تيزي سان پکڙجڻ لڳي آهي، مليريا جي چرڪائيندڙ رپورٽ مطابق نجي اسپتالن کي ڇڏي ڪري فقط سرڪاري اسپتال رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو ۽ بي ايڇ يو ڪانڊڙا جي ورتل جائزي مطابق هڪ مهيني ۾ مليريا جون 7 هزار کان وڌيڪ ٽيسٽون ڪيون ويون، جنهن ۾ 4 هزار کان وڌيڪ ڪيس پازيٽو آيا آهن. ڏڙو سميت مختلف علائقن ۾ مڇر مار ڦوهارو نه ٿيڻ ڪري مليريا وبائي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي، سرڪاري ۽ خانگي اسپتالون مريضن سان سٽجي ويون آهن. رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو، بي ايڇ يو ڪانڊڙا، لاڪپور، ٻنون ۽ ٻين ڳوٺاڻي صحت مرڪزن ۾ ڊاڪٽرن سميت بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب علاج لاءِ ايندڙ مريض سخت پريشان آهن. اسپتالن ۾ مليريا جي ڪٽون اڻلڀ ٿي ويون آهن. جڏهن ته صحت کاتي سڄاول جي ڊي ايڇ او پاران اسپتالن کي بهتر بنائڻ وارين دعوائن جو پول کلي ويو آهي، ڏڙو ۽ پر ٻاسي جي رهواسين پاران سنڌ جي نگران حڪومت، ڊي سي سڄاول ۽ صحت کاتي جي اعلي اختيارين کان هنگامي بنيادن تي اپاءَ وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي. موجب ڏڙو شهر سميت ٻرياسي جي مختلف يوسيز خانپور، لاڪپور، بڄل گگو، ٻنون، مراد پور، حسين پور، اڪبر شاهه ۽ ڪندور جي مختلف ڳوٺن ۾ مليريا تيزي سان پکڙجڻ لڳي آهي، مليريا جي چرڪائيندڙ رپورٽ مطابق نجي اسپتالن کي ڇڏي ڪري فقط سرڪاري اسپتال رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو ۽ بي ايڇ يو ڪانڊڙا جي ورتل جائزي مطابق هڪ مهيني ۾ مليريا جون 7 هزار کان وڌيڪ ٽيسٽون ڪيون ويون، جنهن ۾ 4 هزار کان وڌيڪ ڪيس پازيٽو آيا آهن. ڏڙو سميت مختلف علائقن ۾ مڇر مار ڦوهارو نه ٿيڻ ڪري مليريا وبائي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي، سرڪاري ۽ خانگي اسپتالون مريضن ...

بقايا 38 سنڌيار

مالڪ وڪيل ڪيترائي ڀيرا ڏانهڻ باوجود ڪي اپاءَ نه ورتا، ڪمشنر ڊي سي ۽ ميئر ڪان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب سکرجي معصوم شاهه ميناري ويجهو ملٽري ڪوارٽرز ٽڪر محلا ۾ وڏي آبادي جي وچ ۾ شهر جو سڀ کان مٿي موبائل ٽاور لڳل آهي اهو ڪڏهن به هيٺ ڪري سگهي ٿو جاثايل جڳهه جي اڄ صبح وڏي ديوار ڪرڻ سبب سڄي گهٽي بند ٿي وئي آهي معصوم ٻار ۽ وڏا معجزاتي طور بچي ويا پراڻي جڳهه ۽ مٽيءَ جي ڏڙي تي لهيل ان ٽاور مان نه رڳو هڪ گهر بلڪ چوڌاري سوين گهرن ۾ رهندڙ ماڻهو ريڊ ڪراس، ايس آئي يو ٽي اسپتال متاثر ٿي سگهن ٿا رهواسين محمد اڪرم، امجدخان، ساجد، عبد، احسن، علي احمد ۽ ٻين ٻڌايو ته ان جو مک سبب اهو آهي ته جنهن جڳهه تي ٽاور لڳل آهي اهو پراڻي مٽيءَ جي ڏڙي تي قائم ڪيو ويو آهي نيڪال نه هجڻ ڪري جڏهن به برسات پوندي آهي ته علائقي جي ڪيترن گهرن جي پيتين مان گاري وارو پاڻي نڪرندو آهي جڳهه جي مالڪ ايڊووڪيٽ سيد حسن علي شاهه کي ٻاڙي وارن ڪيترائي ڀيرا آگاهه ڪيو آهي ان جي باوجود ڪي به ٽڪرا اپاءَ ناهن ورتا ويا نتيجي طور برسات پوڻ دوران ماڻهن جو ساهه مٽ ۾ رهي آهي ٽاور جي چوڌاري ڪيترن ئي جايون ڪمزور ٿي رهيون آهن متاثر ٿيندڙن ڪمشنر سکر ميئر سکر ۽ ڊي سي سکر سميت ميڊيا کي اپيل ڪئي ته ٽاور واري جڳهه ۽ متاثر ٿيندڙ گهرن جو جائزو وٺي تدارڪ ڪرايو وڃي جيئن انساني جانيون متاثر ٿيڻ کان بچي سگهن. "ٿي، جاءِ جي مالڪ وڪيل ڪيترائي ڀيرا ڏانهڻ باوجود ڪي اپاءَ نه ورتا، ڪمشنر ڊي سي ۽ ميئر ڪان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب سکرجي معصوم شاهه ميناري ويجهو ملٽري ڪوارٽرز ٽڪر محلا ۾ وڏي آبادي جي وچ ۾ شهر جو سڀ کان مٿي موبائل ٽاور لڳل آهي اهو ڪڏهن به هيٺ ڪري سگهي ٿو جاثايل جڳهه جي اڄ صبح وڏي ديوار ڪرڻ سبب سڄي گهٽي بند ٿي وئي آهي معصوم ٻار ۽ وڏا معجزاتي طور بچي ويا پراڻي جڳهه ۽ مٽيءَ جي ڏڙي تي لهيل ان ٽاور مان نه رڳو هڪ گهر بلڪ چوڌاري سوين گهرن ۾ رهندڙ ماڻهو ريڊ ڪراس، ايس آئي يو ٽي اسپتال متاثر ٿي سگهن ٿا رهواسين محمد اڪرم، امجدخان، ساجد، عبد وڌيا نتيجي طور برسات پوڻ دوران ماڻهن جو ساهه مٽ ۾ رهي آهي ٽاور جي چوڌاري ڪيترن ئي جايون ڪمزور ٿي رهيون آهن متاثر ٿيندڙن ڪمشنر سکر ميئر سکر ۽ ڊي سي سکر سميت ميڊيا کي اپيل ڪئي ته ٽاور واري جڳهه ۽ ...

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار Daily SINDHYAR Karachi www.dailysindhyar.com Reg No 2677 NTN 4129440-8

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي.

روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي، روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com